# سر ڪنڀات

## سر بابت

گجرات ۾ ڪنڀات نار تي، ڪنڀات نالي هڪ شهر آهي. هيءَ راڳڻي، اتي جي ڪنهن گوئيي جي رچيل آهي، تنهن ڪري مٿس نالو سر ڪنڀات پيو آهي، هن سر کي 'ڪماچ' پڻ چوندا آهن ۽ رات جي هڪ پهر گذرڻ بعد ڳائبو ويندو آهي.

هن سر ۾ عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون پڙهڻيون اختيار ڪيون ويون آهن. گهڻي تحقيق بعد، ثابت ٿيو آهي تہ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رد ڪيل بيتن مان ڪي حقيقت ۾ شاهہ جا بيت آهن. اهي بيت اضافو ڪيا ويا آهن. اضافو ڪيل بيت آهي:

داستان (۲) بيت نمبر (۲۴، ۲۸ ۽ ۴۱)

## مضمون

هن سر جا بيت، شاهہ شايد جوانيءَ ۾ تڏهن چيا تا ڏسجن، جڏهن ڪيس مجازي عشق جي چيٽ لڳي هئي؛ انهيءَ ڪري 'قمر ۽ ڪرهي' کي عتاب ۽ خطاب ۽ يار تائين سنهين پهچائڻ ۽ خبرن رسائڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي.

## روحاني راز

هن سر ۾ شاهہ، جيڪا ڪيس پيغمبر پاڪ ﷺ لاءِ محبت ۽ رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪرڻ جي تمنا دامنگير هئي، تنهن جو چٽو بيان ڪيو آهي. شاهہ کي فخر موجودات، حضرت محمد ﷺ جي ذات بابرڪات سان، نهايت الفت هئي؛ تنهنڪري هن سر ۾، سونهاري سڄڻ جي شخصي سونهن ۽ اخلاقي حسن جي ساراهہ ڪندي، هن حقيقت کي واضح ڪيو آهي تہ خدا تعاليٰ مديني جي مير لاءِ ملڪ ۾ ماٺو خلقي، ڪيس انهن جو مهندار مقرر ڪري مڪو آهي. چنڊ جي سوپيا سپرينءَ جي سونهن ۽ سيرت اڳيان تڇ آهي. ڇاڪاڻ جو منجهس "ناهہ پيشاني پرينءَ جي."

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ آنحضرت ﷺ جن جي ڄمڻ وقت، ڪفر جا قلعا لڏي ويا ۽ ڪيسر و ڪسريٰ جا ڪنگرا ڪِري پيا هئا. شاهہ جو چوڻ آهي تہ نہ فقط ڪافرن جون دليون ڪنبي ويون هيون، پر فطرت بہ ڪئين ڪرشما ڏيکاريا هئا. حضرت محمد ﷺ جي آدرياءَ ۽ آجيان لاءِ، "سورج شاخون جهڪيون" ڪيون هيون ۽ "تارا ڪتيون تائب ٿيا" هئا ۽ چنڊ ڪتين سان "پيهي وئو پڙلاءَ ۾."

رسول ڪريم ﷺ جن جي مدح بعد، شاهہ صاحب چنڊ کي پنهنجو قاصد بنائي ٿو، ڇاڪاڻ جو چنڊ ساڳي

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

